# فضائلِ امام حسین (رضی اللہ عنہ)

سندھی




پيشڪش :مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)
ترجمو :ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

## اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: فضائلِ امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ

چاپو پهريون: محرم الحرام 1442هہ، آگسٽ 2020ع

تعداد:

چاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# فضائلِ امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فضائلِ امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ

## دعاءِ عطار

يا الله! جيڪو رسالي: ”فضائلِ امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ“ جا 17 صفحا پڙهي يا ٻڌي ان کي نواسهءِ رسول، جنت جي جوانن جي سردار امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو جنت ۾ پڙوس عطا فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرتِ سَيدُنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪنجوس آهي اهو شخص جنهن جي سامهون منهنجو ذڪر ٿيو، پوءِ ان مون تي درود پاڪ نہ پڙهيو.
(ترمذی،جلد5 ص321 حديث:3557، دارالفکر بيروت)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تعارف

سلطانِ ڪربلا، سيّدُ الشّهداء، امام عالي مقام، امام عرش مقام، حضرت سيدُنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو مبارڪ نالو: حسين، ڪنيت:

ابو عبدالله ۽ لقبَ: سِبطِ رسولُ الله ۽ ريحانةُ الرسول(يعني رسولِ پاڪ جا گل) پاڻ رضی اللہ عنہ جي ولادت هجرت جي چوٿين سال 5 شعبان المعظم تي مدينہ منوره ۾ ٿي. حضورپرنور صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم سندن نالو”حسين“ ۽ ”شبير“ رکيو ۽ سندس کي پنهنجو پٽ چيو. (اسدالغابہ ج2 ص25،26،دارالکتب العلميہ بيروت)

کیابات رضا اُس چمنستانِ کرم کی
زہرا ہے کلی جس میں حسین اور حسن پھول

(حدائق بخشش، ص ۷۹)

**شرح ڪلامِ رضا**: اي رضا! هن رحمتن برڪتن واري باغ جي چا ڳالھ ڪجي جنهن جي مُڪڙي حضرت بيبي فاطمہ رضی اللہ عنہا آهن ۽ گل حضراتِ حسنين ڪريمين (يعني امام حسن و حسين رضی اللہ عنہما) آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سُتي، آذان ۽ عقيقو

الله ڪريم جي آخري نبي صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم پنهنجي پياري ڏوهٽي حضرت سيدُنا امام حسين رضی اللہ عنہ جي ساڄي ڪن ۾ آذان ڏني ۽ کاٻي ڪن ۾ تڪبير چئي ۽ پنهنجي مبارڪ وات ۾ ڪا شيءِ چٻاڙي سُتي ڏئي دعائن سان نوازيو. ستين ڏينهن سندن نالو ”حسين“ رکيو ۽ هڪ ٻڪري جو عقيقو ڪيو ۽ پاڻ ڪريم صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم خاتونِ جنت حضرت بيبي فاطمہ زهره رضی اللہ عنہا کي فرمايو: حسن رضی اللہ عنہ جيان هن جو مٿو ڪوڙي وارن جي برابر چاندي خيرات ڪيو. (اسدالغابہ ج 2 ص24،25ملخصاً)

## وارن جي وزن جي برابر خيرات

حضرت بيبي فاطمة الزهره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا وٽ جڏهن حضرت سيدُنا امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي ولادت شريف ٿي ته انهن بارگاهه رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو: "يارسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا مان پنهنجي پٽ جو عقيقو نه ڪريان؟ ارشاد فرمايائون: "نه! اڳ ۾ هن جا وار ڪوڙايو ۽ وارن جي وزن برابر چاندي صُقہ وارن ۽ بين مسڪينن تي صدقو ڪيو." (مسند امام احمد ج 10 ص 340 حديث: 27253 دارالفكر بيروت)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سنّت اها آهي ته ٻار جي وارن جي وزن جي برابر سون يا چاندي صدقو ڪيو وڃي. (احياء العلوم، اردو ج 2 ص 204، مكتبة المدينه ڪراچي) مستحب اهو آهي ته (پيدائش جي ستين ڏينهن) عقيقو ڪيو وڃي ۽ جڏهن جانور تي ڇُري هلائي وڃي ته ٻار جي مٿي تي به پاڪي هلائي وڃي ۽ وار لاٿا وڃن پوءِ ان وارن جي وزن جي برابر چاندي يا سون خيرات ڪيو وڃي پڻ وار لهڻ ڪان پوءِ زعفران ملائي مٿي تي هنيو وڃي ائين ڪنداسي ته ثواب ملندو.

(بهارِ شريعت ج3 ص 355،357)

مرحبا سرورِ عالم کے پِسر آئے ہیں　　سیدہ فاطمہ کے لختِ جگر آئے ہیں
واہ قسمت کہ چراغِ حرمین آئے ہیں　　اے مسلمانو! مبارک کہ حسین آئے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”شهيدِ ڪربلا“ جي نَوَ حرفن جي نسبت سان 9 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

(1) حسين (رَضِیَ اللہُ عَنْہُ) مون مان آهي ۽ مان حسين (رَضِیَ اللہُ عَنْہُ) مان آهيان، الله پاڪ ان سان محبت فرمائي ٿو جيڪو حسين (رَضِیَ اللہُ عَنْہُ) سان محبت ڪري، حسين اسباط مان هڪ ”سبط“ آهي. (ترمذي شريف جلد 5 ص 429 حديث: 3800)

حضرت مفتي احمد يارخان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: مان ۽ حسين (رَضِیَ اللہُ عَنْہُ) ڄڻ هڪ ئي آهيون اسان ٻنهي سان محبت هر مسلمان کي ڪرڻ گهرجي، مون سان محبت حسين(رَضِیَ اللہُ عَنْہُ) سان محبت آهي ۽ حسين (رَضِیَ اللہُ عَنْہُ) سان محبت مون سان محبت آهي چوته آئنده واقعات حضوراڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پيش نظر هئا انڪري اهڙي قسم جون ڳالهيون اُمت کي سمجهايون. ”سِبط“ اهو وڻ آهي جنهن جي پاڙ هڪ هجي ۽ ٽاريون گهڻيون هجن ائين ئي منهنجي حسين (رَضِیَ اللہُ عَنْہُ) مان منهنجي نسل هلندي ۽ ان جي اولاد سان مشرق و مغرب ڀرجي ويندي، اڄ ڏسي سگهجي ٿو ساداتِ ڪرام مشرق و مغرب ۾ موجود آهن ۽ اهو به ڏسو ته حَسني سيّد ٿورا آهن ۽ حُسيني سيّد تمام گهڻا آهن هن فرمانِ مصطفوي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ظهور آهي.
(مرٰاةالمناجيح ج 8 ص 480، ضياءُ القرآن پبلي ڪيشنز لاهور)

کیا شہید کربلا فریاد ہے
نور چشم فاطمہ فریاد ہے
آہ! سبطِ مصطفٰے فریاد ہے
ہائے! ابن مرتضٰی فریاد ہے
(وسائل بخشش)

(2) حسن و حسين (رضي الله عنهما) جنتي جوانن جا سردار آهن. (ترمذي ج 5 ص426، حديث:3793)

حڪيم الامت حضرت مفتي احمديار خان نعيمي رحمة الله عليه فرمائن ٿا: جيڪي ماڻهو جواني ۾ وصال ڪري وجن ۽ جنتي هجن تہ حضراتِ حسنينِ ڪريمين(رضي الله عنهما) انهن جا سردار آهن نہ تہ جنت ۾ تہ سيئي جوان هوندا تنهنڪري هن مان اهو لازم نٿو اچي حضراتِ حسنين ڪريمين( رضي الله عنهما) حضور صلّى الله تعالى عليه واله وسلّم يا ٻين نبين سڳورن جا بہ سردار هوندا. (مراة المناجيح ج 8 ص475)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!        صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(3) حسن و حسين(رضي الله عنهما) دنيا ۾ منهنجا بہ گل آهن. (بخاري ج 2 ص547 حديث:3753)

مفتي احمد يار خان رحمة الله عليه فرمائن ٿا: فرمانِ نبوي جو مطلب هيءُ آهي تہ حضرت حسن و حسين(رضي الله عنهما) دنيا ۾ جنت جا گل آهن جيڪي مون کي عطا ٿيا، انهن جي جسم مان خوشبو ايندي آهي ان ڪري حضوراڪرم(صلّى الله عليه واله وسلّم) انهن کي سونگهندا هئا ۽ حضرت علي(رضي الله عنه) کي فرمائيندا هئا "اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا اَبَا رَيْحَانَيْنِ" يعني اي ٻن گلن جا پيءُ توتي سلام هجي. (مراة المناجيح ج 8 ص 462)

هڪ ٻي مقام تي مفتي صاحب فرمائن ٿا: جيئن باغ واري کي سڄي باغ ۾ گل پيارو هوندو آهي ائين ئي دنيا ۽ دنيا جي تمام شين ۾ مون کي حضراتِ حسن و حسين (رضي الله عنهما) پيارا آهن. اولاد گل ئي چورائيندو آهي سيني ڏوهتين ۽ ڏوهٽن ۾ حضور اڪرم

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي ٻئي فرزند (يعني پٽ) تمام گهڻا پيارا هئا. (مراۃ ج8 ص475)

اُن دو کا صدقہ جن کو کہا میرے پھول ہیں
کیجے رضا کو حشر میں خنداں مثال گل

عاشقِ صحابه و اهلبيت، اميراهلسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس قادري رضوي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن شعر جي وضاحت هيئن فرمائن ٿا: ان ٻن مان مراد حضرت سيّدُنا امام حسن (رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) ۽ حضرت سيّدُنا امام حسين (رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) آهن. اعليٰ حضرت هنن ٻنهي جو صدقو بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪيو آهي ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هنن ٻن گلن جي صدقي ۾ رَضا تي اهڙو ڪرم فرماءِ جو رَضا به قيامت جي ڏينهن گل جيان مسڪرائي رهيو هجي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(4) هي منهنجا ٻئي پٽ منهنجي ڌيءَ جا پٽ آهن، اِلٰهي مان انهن ٻنهي سان محبت ڪريان ٿو تون به انهن سان محبت فرماءِ ۽ جيڪو هنن سان محبت ڪري ان سان به محبت فرماءِ. (ترمذي ج5 ص427، حديث: 3793)

”مراٰۃ المناجيح“ ۾ آهي: يعني هي حڪمي طور منهنجا پٽ آهن ۽ حقيقتاً منهنجي ڌيءُ جا پٽ آهن. مون کي انهن سان پٽن وانگر محبت آهي. خيال رهي ته حضرت (بيبي) فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي اها خصوصيت آهي ته سندس اولاد حضور ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

نسل آهي انهن مان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نسل هلي، ڇڻ تہ حسن و حسين (رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا) حضوراكرم (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نسل بہ آهن ۽ نسل جي اصل بہ، نہ تہ نسب پيءُ سان هوندو آهي نہ وري ماءُ سان، ها شرف(يعني فضيلت) ماءُ سان بہ هوندي آهي. لفظ آل ٻنهي لاءِ استعمال كيو ويندو آهي پٽ جي اولاد لاءِ بہ ۽ ڌيءُ جي اولاد لاءِ بہ (مرأة ج 8 ص 476)

ہے رتبہ اس لئے کونین میں عصمت کاعفت کا
شرف حاصل ہے ان کو دامنِ زہرہ سے نسبت کا
انہی کے ماہ پارے دو جہاں کے لاج والے ہیں
یہ ہی ہیں مجمع بحرین سرچشمہ ہدایت کا

(ديوان سالک)

مفتي احمديارخان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حديث جي هن حصي"اِلٰهي مان هنن ٻنهي سان محبت كيان ٿو تون بہ هنن سان محبت فرماءِ ۽ جيكو هنن سان محبت كري ان سان بہ محبت فرماءِ" جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن دعا جو مقصد(اُتي موجود) حضرت سيّدُنا اُسامہ (رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ) كي ٻڌائڻ آهي تہ اُسامہ منهنجي حسن و حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا سان محبت كريو جو هنن جي محبت اللّٰه پاك جي محبوبيت جو ذريعو آهي. خيال رهي تہ دِلي محبت بجلي جي كرنٽ جيان هك متعدي(يعني ڦهلجڻ واري) شيءِ آهي جنهن سان محبت هوندي آهي ان جي اولاد، گهر وارن، نوكرن ايستائين جو ان جي شهر سان محبت ٿي ويندي آهي. (مرأة ج 8 ص476)

سیدہ زاہرہ طیبہ طاہرہ جانِ احمد کی راحت پہ لاکھوں سلام
حسن مجتبیٰ سید الاسخیا راکبِ دوش عزت پہ لاکھوں سلام
دِر درج نجف مہر برج شرف
رنگ روئے شہادت پہ لاکھوں سلام
(حدائق بخشش)

(5) الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پڇيو ويو تہ اهلبيت مان اوهان کي گهڻو پيارو ڪير آهي؟ فرمايائون: حسن وحسين، ۽ حضورڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (حضرت بيبي) فاطمہ (رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہا)کي فرمائيندا هئا تہ مون وٽ منهنجي ٻارن کي گهراءِ پوءِ انهن کي سونگهندا هئا ۽ سيني سان لائيندا هئا. (ترمذي ج 5 ص 428، حديث:3797)

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! حضوراڪرم(صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) انهن کي چونہ سونگهن اهي ٻئي تہ حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا گل هئا، گل سونگهيا ئي ويندا آهن، انهن کي سيني سان لائڻ بي پناه پيار ۽ محبت جي لاءِ هو. هن مان معلوم ٿيو تہ ننڍن ٻارن کي سونگهڻ، انهن سان پيار ڪرڻ، انهن کي سيني سان لائڻ سنّت رسول صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ڪريم کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ قابلِ اعتماد احاديثِ مبارڪ جا ڪتاب ”صحاح سِتہ“ يعني ڇهہ ڪتاب چورائيندا آهن جن مان هڪ ڪتاب ”ترمذي شريف“ بہ آهي هن ۾ آهي تہ ولين جا شهنشاهہ مولي علي مشڪل ڪشا (رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ) فرمائن

تا: حضرت سيّدُنا امام حسن (رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ) جي شڪل مبارڪ مٿي ڪان سيني تائين حضوراڪرم(صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سان مشابہ (ملندڙ جلندڙ) هئي ۽ امام حسين (رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ) جي سيني ڪان پيرن جي ننهن تائين.(ترمذي شريف ج5 ص430، حديث:3804)

امام عشق و محبت، عظيم عاشق صحابہ و اهلبيت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه لکن تا:

معدوم نہ تھا سایہ شاہِ ثقلین　　اس نور کی جلوہ گہ تھی ذاتِ حسنین
تمثیل نے اس سایہ کے دو حصے کیے　　آدھے سے حسن بنے ہیں آدھے سے حسین

(حدائق بخشش)

**شرح ڪلام رضا**: انسانن ۽ جنن جي شهنشاهه، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم جو سايو(پاڇو) نہ هو پر نور واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سايو مبارڪ حضراتِ حسنين ڪريمين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا جي صورت ۾ نظر ايندو هو جو مٿي پاڪ کان سيني مبارڪ تائين امامِ حسن رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ۽ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ سيني مبارڪ کان پيرن تائين حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مشابہ هئا.

## چڱن جي مشابهت

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان قدرتي مشابهت بہ الله پاڪ جي نعمت آهي جيڪو پنهنجي ڪنهن عمل کي حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مشابہ ڪري تہ ان جي بخشش ٿي ويندي آهي تہ پوءِ جنهن کي خدا پاڪ پنهنجي محبوب جي مشابہ

ڪري تہ ان جي محبوبيت جو چا عالم هوندو انڪري اها حديث فضائل اهلبيت جي سلسلي ۾ آندي وئي آهي. (مراۃ ج8 ص480)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(6) حسن و حسين (رضی اللہ عنہما) سان جنهن محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن دشمني رکي ان مون سان دشمني رکي.
(مستدرڪ ج 4 ص 156، حديث4830،دارالمعرفة بيروت)

(7) الله پاڪ دوست رکي ان کي جيڪو حسين(رضی اللہ عنہ) کي دوست رکي، حسين(رضی اللہ عنہ ) سِبط آهي اسباط مان. (ترمذي شريف حديث:3800ج5 ص429)

(8) حسن منهنجا آهن ۽ حسين علي جا. (فيض القدير ج3 ص551، دارالڪتب العلميه بيروت)

مفتي احمد يار خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: هن فرمانِ عاليشان جو مطلب اهو آهي تہ وڏو پٽ ڏاڏي. ناني جو هوندو آهي ننڍو پٽ پيءُ جو، اها تقسيم اظهارِ ڪرم جي لاءِ آهي.(مراۃ ج8 ص 479)

(9) جنهن کي اهو پسند هجي تہ جنتي مرد کي ڏسي (هڪ روايت ۾ آهي) جنتي جوانن جي سردار کي ڏسي اهو"حسين بن علي" کي ڏسي. (الشرف المؤبد لِآل محمد للنبهاني ص 69)

حسین ابن علی کا صدقہ ہمارے غوث جلی کا صدقہ
عطا مدینے میں ہو شہادت نبی رحمت شفیعِ امت

(وسائل بخشش)

# ”حسين“ جي چار حروف جي نسبت
# سان امام حسين جون 4 حڪايتون

## (1) غريبن مسڪينن سان محبت

نواسهءِ رسول امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ سندن گهر واري اهو پيغام ڪٽي آئي تہ” اسان اوهان جي لاءِ لذيذ ڪاڌا ۽ خوشبو تيار ڪئي آهي، اوهان پنهنجي برابري واري ڪي ساڻ وٺي اسان وٽ تشريف ڪٽي اچو.“ حضرتِ سيدنا امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مسجد ۾ تشريف وٺي ويا ۽ اُتي جيڪي مسڪين موجود هئا انهن کي ساڻ وٺي گهر تشريف ڪٽي آيا. پاڙي جون عورتون سندس گهر واري کي چوڻ لڳيون، خدا جو قسم! اوهان جي گهر تہ مسڪين جمع ٿي ويا آهن. پوءِ حضرت سيّدنا امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي گهر واري وٽ آيا ۽ فرمايائون: مان توکي پنهنجي ان حق جو قسم ٿو ڏيان جيڪو منهنجو توتي آهي تہ تون ڪاڌو ۽ خوشبو بچائي نہ رکندينءَ. پوءِ ان ائين ئي ڪيو. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مسڪينن کي ڪاڌو کارايو، انهن کي ڪپڙا پارايا ۽ خوشبو لڳائي. (حسن اخلاق ص 62، مکتبة المدينه کراچي)

## (2) راهِ خدا ۾ صدقوءِ خيرات

هڪ فقير مديني پاڪ جي گهٽين مان ٿيندي امام عالي مقام، حضرت سيّدنا امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مڪانِ عاليشان وٽ پهتو پوءِ دروازو کڙڪايو ۽ اشعار جي صورت ۾ چوڻ لڳو: جنهن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان اميد رکي ۽ جنهن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو دروازو کڙڪايو اهو ڪڏهن نااميد نہ ٿيو، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ صاحبِ جود و ڪرم بلڪ جود و سخاوت جا

چشما آهن. حضرت سيّدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ گهر ۾ نماز پڙهي رهيا هئا، (نماز ادا فرمائي) دروازي وٽ آيا تہ ڏٺائون تہ هڪ ڳوٺاڻو بيٺو آهي جنهن جي شڪل غريبي جو واضح اعلان ڪري رهي هئي، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پنهنجي غلام ”قنبر“ کي فرمايو: اسان جي خرچ مان ڪيترو مال بچيل آهي؟ عرض ڪيو: ٻہ سؤ درهم آهن جيڪي اوهان جي حڪم سان اوهان جي اهل و عيال تي خرچ ڪرڻا آهن. فرمايائون: وڃون سڀ کڻي اچو ڇوتہ اهو شخص آيو آهي جيڪو منهنجي گهر وارن کان وڌيڪ هنن درهمن جو حقدار آهي. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اهي درهم ان فقير کي ڏنا ۽ فرمايو: هي وٺو ۽ هي اجان بہ گهٽ آهن تنهنڪري مان اوهان سان معافي گهران ٿو، اسان کي هرحال ۾ مهرباني جو ئي حڪم آهي. هي گهٽ آهن جيڪر اجان وڌيڪ هجن ها تہ اهي بہ اوهان کي ڏئي ڇڏيان ها. فقير درهم ورتا ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي دعائون ڏيندي ۽ تعريفون ڪندي خوشي سان روانو ٿي ويو. (ابن عساکر ج 14 ص 185 ملخصاً دارالفڪر بيروت)

مفلس وناچار وخستہ حال ہوں    مخزنِ جود وعطا فریاد ہے

(وسائل بخشش)

## (3) ڳاريون ڏيڻ وارن کي دعائون ڏنيون.

هڪ ڀيرو عِصَام بن مُصطَلِق نامي شخص جيڪوحضرت سيّدنا مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان بغض رکندو هيو، حضرت سيّدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي سامهون سندن کي ۽ سندس والد محترم حضرت سيّدنا مولاءِ ڪائنات علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي برو ڀلو چوڻ لڳو. حضرت

سيّدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان کي جهڙکڻ يا جوابي وار ڪرڻ بدران اَعُوْذُبِاللّٰه ۽ بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ کان پوءِ هي آيتون تلاوت فرمايون.

خُذِ الْعَفْوَ وَ اْمُرْ بِالْعُرْفِ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِیْنَ (۱۹۹) وَ اِمَّا یَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّیْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ سَمِیْعٌ عَلِیْمٌ (۲۰۰) اِنَّ الَّذِیْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰٓىٕفٌ مِّنَ الشَّیْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ مُّبْصِرُوْنَ (۲۰۱)

ترجموڪنزالايمان: اي محبوب معاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائي جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان منهن موڙ. ۽ اي ٻڌندڙ جيڪڏهن شيطان توکي چنگ ڏي ته تون الله جي پناهه گهر بيشڪ اهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. بيشڪ جيڪي تقوي وارا آهن جڏهن انهن کي ڪنهن شيطاني خيال جو ڏک لڳي ٿو ته هوشيار ٿي وڃن ٿا انهيءَ وقت سندن اکيون کلي وڃن ٿيون.

پوءِ فرمايو: پنهنجي مٿان بار هلڪو رک ۽ مان الله کان تنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي لاءِ مغفرت جو سوال ڪيان ٿو، ان کان علاوه پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان سان ايتري قدر عفو و درگذر، نرمي ۽ خوش اخلاقي سان پيش آيا جو ان جو بغض و عداوت (يعني دشمني) يڪدم محبت ۾ تبديل ٿي وئي ۽ اهو هي چوڻ تي مجبور ٿي ويو: وَمَاعَلَى وَجْهِ الْاَرْضِ اَحَبُّ اِلَيَّ مِنْهُ وَمِنْ اَبِيْهِ يعني سڄي زمين تي حضرت سيّدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ۽ سندس والد حضرت سيّدنا مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان وڌيڪ منهنجي نزديڪ ڪوئي محبوب ناهي. (تفسير بحر المحيط ج4 ص 446، دارالڪتب العلميه بيروت، تفسيرِ قرطبي ج 4 ص250، ملخصاً، دارالفڪر بيروت)

اصلِ نسلِ صفا وجہ وصلِ خدا     بابِ فضل ولایت پہ لاکھوں سلام

**شرح ڪلامِ رضا**: حضرت سيّدنا علي المرتضٰي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ خالص پاڪ سادات جي پاڙ ۽ بنياد آهن، واصل بالله هئڻ (يعني الله پاڪ جو مقرب بنجڻ) جو سبب ۽ فضائلِ ولايت ملڻ جو دروازو آهن، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تي لکين سلام هجن. (ڪراماتِ شير خدا ص 13، مكتبة المدينه ڪراچي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) سخاوت جو هڪ مثال

هڪ دفعي امام عالي مقام، امامِ عرش مقام، حضرت سيّدنا امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي سواري جو گذر مسڪينن وٽان ٿيو اهي بچيل سچيل ٽڪڙا ڪائي رهيا هئا. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن کي سلام ڪيو. مسڪينن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڪاڌي جي دعوت ڏني ته پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سيپاري 20 سورة القصص، آيت نمبر 83 جو هيءُ حصو تلاوت فرمايو:

لِلَّذِيْنَ لَا يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِي الْاَرْضِ وَلَا فَسَادًا ط

ترجموڪنزالايمان: جيڪي زمين ۾ وڏائي نه چاهيندا آهن ۽ نه فساد.

پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سواري تان لٿا ۽ انهن سان گڏجي ماني ڪاڌي. ان ڪان پوءِ ارشاد فرمايو: مان اوهان جي دعوت قبول ڪئي هاڻي اوهان منهنجي دعوت قبول ڪيو. پوءِ امام عالي مقام انهن کي سوار ڪيو ۽ پنهنجي گهر وٺي انهن کي ڪاڌو ڪارايو ۽ ڪپڙا ۽ درهم

عطا ڪيا. (حسن اخلاق، ص 63) الله ربّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

سخاوت بھی ترے گھر کی عنایت بھی ترے گھر کی
ترے در کا سوالی جھولیاں بھر بھر کے لاتا ہے

(وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نواسهءِ رسول رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي عبادت

اي عاشقانِ امام حسين! اسان جا آقا و موليٰ، **شهيدِ ڪربلا** حضرت سيّدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ وڏا عبادت گذار هئا جيئن تہ شب عاشورا(ڏهه محرم جي رات) امام عالي مقام امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ حضرت سيدنا عباس علمدار رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي فرمايو: ڪنهن طرح اها لڙائي سڀاڻي تائين مؤخر ٿي وڃي ۽ اڄ رات اسان کي الله پاڪ جي عبادت جي لاءِ ملي وڃي. الله ڪريم خوب ڄاڻي ٿو تہ مون کي نماز، تلاوتِ قرآن ۽ ڪثرت سان دعا گهرڻ ۽ استغفار ڪرڻ تمام گهڻو پسند آهي. (الڪامل في التاريخ ج 3 ص 415، دارالڪتب العلميه بيروت) روايت آهي،

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! محبت اطاعت ڪرائيندي آهي، امام عالي مقام امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سان اسان جي محبت ڪيتري آهي؟ ٿورو اسان غور تہ ڪيون؟ ڏهه محرم الحرام جي رات امام حسين جي ظاهري زندگي مبارڪ جي آخري رات هئي پر الله پاڪ جي عبادت جو ذوق و شوق ڏسو؟ ۽ عين شهادت جي وقت بہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بارگاهِ الٰهي ۾ سجدي واري حالت ۾ هئا.

*اس دوگانہ پر فدا ساری نمازیں جس میں*
*دھارِ حلقوم پہ سر خم ہو عبادت کے لئے*

**ڪاش! ڪاش ڪاش!** اسان غلامانِ امام حسين بہ پنهنجي محبوب جي نقشِ قدم تي هلندي عبادت ۽ رياضت ڪندي پنهنجي زندگي جا رات ڏينهن گذاريون. ياد رکو! حديثِ پاڪ ۾ آهي: ٻانهو انهيءَ سان گڏ هوندو جنهن سان اهو محبت ڪندو هوندو، جيڪڏهن اسان زبان سان امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي محبت جي دعويٰ ڪندا رهون پر امام عالي مقام امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي مبارڪ سيرت کي نہ اپنايون تہ اسان جي محبت ناقص آهي ڇو تہ عاشق پنهنجي محبوب جي پويان هلندو آهي. حضرت سيّدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پنهنجي مبارڪ چهري تي پنهنجي ناني جان رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت ڏاڙهي مبارڪ سجائي رکي هئي. سندس والد مولا مشڪل ڪشا علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي بہ گهاٽي ڏاڙهي شريف هئي، اسان غور ڪيون تہ ڇا اسان جي چهري تي اها سنّت رسول آهي؟ امام عالي مقام حضرت سيّدُنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پنهنجي مبارڪ زندگي جي آخري نمازِ فجر خيمي ۾ باجماعت ادا فرمائي جڏهن تہ دشمن چئني طرفن کان تلوارون چمڪائي رهيا هئا، اهلبيتِ اطهار جي اصل محبت انهن جي پيروي ڪرڻ ۾ آهي، امام عالي مقام حضرت سيّدُنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي مبارڪ زندگي مان اسان کي اهو درس ملي ٿو تہ اسان کي پنج وقت نمازون جماعت سان پڙهڻ گهرجن ۽ وقت اچڻ تي دين جي خاطر هر طرح

جون قربانيون پيش ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. الله ڪريم اسان کي صحابہ و اهلبيت جي حقيقي محبت نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صحابہ و اهلبيت رضي الله عنهم جي محبت دلين ۾ پيدا ڪرڻ ۽ وڌائڻ ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جون خدمتون بيشمار آهن، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عاشقِ امام عالي مقام، اميراهلسنت ڪيئي سالن کان غلامانِ امام حسين رضي الله عنه کي عاشورا جي ڏينهن ۾ امام حسين رضي الله عنه سميت بين ڪربلا جي شهيدن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ راهِ خدا جي مدني قافلن ۾ سفر ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، اوهان جي شوق کي وڌائڻ لاءِ گذريل ٻن سالن کان هنن ڏينهن ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ صحابہ و اهلبيت جي تعداد پيش ڪجي ٿي: 1439ھ بمطابق 2018 تي سڄي ملڪ مان ڪم و بيش 13 هزار 635 مدني قافلن ۾ 97 هزار 206 جڏهن تہ 1440ھ بمطابق 2019 تي پاڪستان ۾ ڪم و بيش 90 هزار ۽ هندستان ۾ 7218 اسلامي ڀائرن مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي.

آل سے اصحاب سے قائم رہے
تا ابد نسبت اے نانائے حسین
صدقہ شہزادوں کا آقا کیجئے
کیجئے رحمت اے نانائے حسین
ہر ولی کا واسطہ عطار پر
کیجئے رحمت اے نانائے حسین

(وسائل بخشش)

## نماز روزي جي ڪثرت

حضرت سيدنا علاّمہ ابن اثير جزري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ڪثرت سان نماز پڙهندا هئا، روزا رکندا هئا، حج ڪندا ها، صدقو ۽ خيرات ڪندا ۽ تمام ڀلائين جا ڪم ڪندا هئا. (اُسد الغابه ج 2 ص 28 رقم1173)

شهزادهٕ امام عالي مقام حضرت سيدنا امام زين العابدين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو: منهنجا والد حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ڏينهن رات ۾ هزار (1000) رڪعتون نفل ادا فرمائيندا هئا. (عقدة الفريد ج 3 ص 114 مختصراً، دارالڪتب العلميه بيروت)

عظيم تابعي بزرگ حضرت سيدنا امام شَعبي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون ڏٺو حضرت سيدنا امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ رَمَضانُ المبارڪ ۾ مڪمل قرآنِ ڪريم ختم فرمائيندا هئا. (سير اعلام النبلاء ج4 ص 410، دارالفڪر بيروت) پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کي حج جو گهڻو شوق هو جيئن تہ مروي آهي تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ 25 حج پيادل ڪيا. (ابن عساڪر ج 14 ص180)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## امامِ پاڪ جو عمامو شريف

هڪ تابعي بزرگ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي زيارت ڪئي تہ ڏٺم تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کي عمامو شريف ٻڌل هو ۽ عمامي جي هيٺان پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جا ڪجهہ مبارڪ وار نڪتل هئا. (مجمع الزوائد ج 5 ص256، حديث:8671، دارالفڪر بيروت)

## والد سان محبت جو عالم

حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پنهنجي والد حضرت سيدنا علي المرتضيٰ شير خدا رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سان تمام گهڻو پيار ڪندا هئا ۽ انهيءَ ڪري پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پنهنجي سيني پٽن جا نالا علي رکندا هئا. وڏي پٽ جو نالو"علي اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ" آهي. ان کان ننڍي جيڪو امام زين العابدين جي نالي سان مشهوي آهي ان جو اصل نالو"علي اوسط رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ" آهي ۽ سڀ کان ننڍو پيارو پيارو "علي اصغر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ" آهي. (امام زين العابدين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان علاوه ٻئي شهزاده پنهنجي والد سان گڏ"ميدانِ ڪربلا" ۾ شهيد ٿي ويا.)

اس شہیدِ بلا شاہ گلگوں قبا | بیکس دشتِ غربت پہ لاکھوں سلام

(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محبتِ امام حسين

حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ارشاد فرمايو: مَنْ اَحَبَّنَا لِلّٰهِ كُنَّا نَحْنُ وَهُوَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ كَهَاتَيْنِ يعني جنهن الله پاڪ جي رضا جي لاءِ اسان کان محبت ڪئي اسان ۽ اهي قيامت جي ڏينهن هيئن هونداسين، شهادت ۽ وچينءَ چيچ سان اشارو ڪندي فرمايو. (معجم كبير ج 3 ص125 حديث:2880، دار احياء التراث العربي بيروت)

صحابہ کا گدا ہوں اور اہل بیت کا خادم
یہ سب ہے آپ ہی کی تو عنایت یارسول اللہ

(وسائل بخشش)

## سچي خواهش

حضرت سيدنا علامہ عبدالرحمٰن ابن جوزي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو حضرت سيدنا عمرو بن ليث رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي سامهون سندن جي تمام فوج کي جمع ڪيو ويو، حضرت سيدنا عمرو بن ليث رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جڏهن پنهنجي فوج جي ڪثرت ڏٺي تہ روئي ڏنائون ۽ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳا، اي ڪاش! امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي وقت اُتي موجود هجان ها ۽ مون وٽ ايتري فوج هجي ها تہ مان پنهنجي جان، شان و شوڪت ۽ سڄي فوج کي سندس مٿان قربان ڪري ڇڏيان ها. ان زماني جي ڪنهن وَليُّ الله کي خواب ۾ الله ڪريم جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: عَمرو بن ليث رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي چئي ڇڏيو تہ ان جي دل ۾ جيڪو خيال آيو اسان کي ان جي خبر آهي ۽ اسان ان جي ارادي کي قبولي ورتو آهي، الله ڪريم اوهان کي هن ارادي ۽ خيال تي اجرِ عظيم عطا فرمائي. جڏهن خواب ڏسڻ واري حضرت سيدنا عمروبن ليث رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي اها خوشخبري ٻڌائي تہ اهو خوشيءَ مان جهومي پيو ۽ ان جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا. (بستان الواعظين ص 240 متلقطا، دارالڪتب العلميه بيروت)

## محبتِ امام حسين جي ڪري مغفرت ٿي وئي

حضرت سيدنا عمرو بن ليث رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي انتقال کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ انهن فرمايو: الله ڪريم مون کي بخشي ڇڏيو، پڇيو: ڪهڙي سبب؟ فرمايائون: ربّ ڪريم انهيءَ چڱي نيت جي سبب منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي. (مدارج النبوت ج 1 ص305 ملخصاً، مرڪز اهلسنت برڪاتِ رضا هند) **الله ربّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عمر شريف

شهادت جي وقت سيّد الشُهداء امام عالي مقام حضرت سيّدنا امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي عمر شريف 56 سال پنج مهينا 5 ڏينهن هئي. (سوانح ڪربلا ص 170، ڪراچي)

ڪربلا کے جاں نثاروں کو سلام
فاطمہ زہرا کے پیاروں کو سلام

یا حسین ابن علی مشکل کشا
آپ کے سب جاں نثاروں کو سلام

جو حسینی قافلے میں تھے شریک
کہتا ہے عطار ساروں کو سلام

(وسائل بخشش)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فهرست

### فضائلِ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

دعاءِ عطار............ 1
درود شريف جي فضيلت............ 1
سُنتي، آذان ۽ عقيقو............ 2
وارن جي وزن جي برابر خيرات............ 3
”شهيدِ ڪربلا“ جي نَوَ حرفن جي
نسبت سان 9 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم............ 4
چگِن جي مشابهت............ 9
”حسين“ جي چار حروف جي نسبت سان امام حسين جون 4 حڪايتون.... 11
(1) غريبن مسڪينن سان محبت............ 11
(2) راهِ خدا ۾ صدقو ۽ خيرات............ 11
(3) گاريون ڏيڻ وارن ڪي دعائون ڏنيون............ 12
(4) سخاوت جو هڪ مثال............ 14
نواسهءِ رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي عبادت............ 15
نماز روزي جي ڪثرت............ 18
امامِ پاڪ جو عمامو شريف“............ 18
والد سان محبت جو عالم............ 19
محبتِ امام حسين............ 19
سچي خواهش............ 20
محبتِ امام حسين جي ڪري مغفرت ٿي وئي............ 21
عمر شريف............ 21


اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينه“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ الله عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ الله عزوجل



عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net